# عشق نہ چرچوياڻءِ

## مخدوم سعيدالزمان 'عاطف'

طالب المولىٰ اڪيڊمي

2022ع



(جملي حق ۽ واسطا محفوظ)

**ڪتاب جو نالو:** عشق نہ چرچو ياڻءِ

**شاعر:** مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' سروري

**موضوع:** شاعري

**تعداد:** 1000

**ڇاپو پهريون:** 1997ع

**ڇاپو ٻيو:** 2022ع

**ڪمپوزنگ:** دانش پير ڪمپوزرس، حيدرآباد

**ڇپائيندڙ:**

**ڇپيندڙ:**

**قيمت:**

**ڏس:** 1- A_8 يونٽ-3 لطيف آباد حيدرآباد

2- مخدوم سعيدالزمان پوسٽ آفس هالا ضلع حيدرآباد

# ترتيب

پنهنجي پاران — مخدوم سعيدالزمان 'عاطف'
**فرد**
**قطعا**
**غزل**

# پنهنجي پاران

مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ سروري ۽ سندن شاعرانہ افڪار ڪنهن بہ رسمي تعارف جا محتاج نہ رهيا آهن. سندن شاعريءَ ۾ فطرت جي حسن لاءِ اها لطيف نگاه بدرجہ اُتم موجود آهي، جنهن لاءِ حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن فرمايو آهي تہ:

شاعري ذهن جي احساس جو نالو آهي
مون وجي آهہ ڏٺو حسن بشر کي ويجهو.

عاطف سروري جو پهريون مجموعو ”پاڻ مراديون ڳالهڙيون“ ذات ڪتابي سلسلي طرفان شايع ٿيو هو. ٻيو مجموعو ”ٻولي ڪبي نہ ٻي“ 1995ع ۾ طالب الموليٰ اڪيڊمي پاران پڌرو ڪيو ويو. ”عشق نہ چرچو ياڻءِ“ سندن ٽيون مجموعو آهي جنهن کي شايع ڪندي بيحد خوشي محسوس ٿئي ٿي. هن ڪتاب ۾ فرد، قطعا ۽ غزل وغيره شامل آهن جن کي پڙهي ماڻهو احساس جي اونهائين ۽ تخيل جي بلندين کي ڇُهي ٿو.

اُميد آهي تہ علمي حلقن ۾ ”عشق نہ چرچو ياڻءِ“ پڻ ساڳي مڃتا حاصل ڪندو.

٨- جولائي ١٩٩٧ع
٢ ربيع الاول ١٤١٨ھ
اٽاس بنگلو، هالا

**مخدوم جميل الزمان**
چيئرمين
**طالب الموليٰ اڪيڊمي**

# فرد

(1)

آئون '**سعيد**' آهيان ٿيو جنهن جي پيار ۾،
ثاني نہ ان جو ڪوبہ سڄي روزگار ۾.

هالا ۱۹۸۲ع

(2)

منهنجا جان وَفا نازوَر ناخدا مون تي احسان ڪر مون تي احسان ڪر.
رهہ نہ '**عاطف**' جدا مِل اچي مهلقا مون تي احسان ڪر مون تي احسان ڪر.

هالا ۱۹۸۲ع

(3)

گهٽيءَ صدمان سهڻ جي لَءِ جگر آهي اجان تائين.
مسائل ۾ گهريل هوندي گذر آهي اجان تائين.

هالا ۱۹۸۲ع

(4)

پنهنجي نازل لَبن مان پئڻ ڏي صنم.
توکي تنهنجي پيارين اکن جو قسم.

هالا ۱۹۸۲ع



(5)

زنده آهيان صرف تنهنجي پيار لاءِ،
ڪجھ گهڙيون ڪيڏ تنهنجي هن بيمار لاءِ.

هالا ۱۹۸۲ع

(6)

روزي جي دشمن کي سمجهايو اهو،
"عيد آهي صرف روزيدار لاءِ."

هالا ۱۹۸۲ع

(7)

ڪيڏو نہ وڏي ويو منهنجو غم روئي نہ سگهيس ڪلندو ئي رهيس،
ويندو ڏسندي توکي اي صنم روئي نہ سگهيس ڪلندو ئي رهيس.

هالا ۱۹۸۲ع

# قطعا

(1)

توکي ياد ڪريان ٿو صبح و مسا اي دلبر يار ڪڏهن ايندين،
رستي تي نظر ڏينهن رات اٿم دل جا دلدار ڪڏهن ايندين.

تنهنجي يادن ۾ گُم آهيان مان توريءَ زنده نہ رهڻ چاهيان،
پئي عمر فضول وڃي ساري ’**عاطف**‘ جا پيار ڪڏهن ايندين.

هالا ۱۹۸۲ع

(2)

اڄ وري تنهنجي ئي ٻاهن ۾ مرڻ چاهيان ٿو
تو سوا يار مان هڪ پل نہ جيئڻ چاهيان ٿو.

دور توکان مان وري پو بہ ڪِلان خوش بہ رهان،
ڪونہ اي يار گنهگار ٿيڻ چاهيان ٿو.

ڏي اجازت اي سجڻ پير چُمان تنهنج وري،
ان بهاني سان اڳيان تنهنجي جهڪڻ چاهيان ٿو.

اڄ وري منهنجي ئي ٻاهن ۾ اچي وڃ ’**عاطف**‘،
تنهنجا رخسار و لب يار چمڻ چاهيان ٿو.

هالا ۱۹۸۲ع



(3)

آءُ جانِ من تہ گڏجي پاڻ ڪريون پيار اڄ،
زندگي هڪ ٻي لا آهي چا ڪندو سنسار اڄ.

آرزو آهي تہ تنهنجي بازوئن ۾ دم وڃي،
خامشي سان پاءِ پاڪر ڪر نہ ڪو تڪرار اڄ.

مدتن کان عرض پيو ’**عاطف**‘ ڪري صبح و مسا،
”تون پري جام جاني مان ٿيا ميخوار اڄ.“

هالا ۱۹۸۲ع

(4)

مُدتن کان دل کي بس هڪ هي تسلي پيو ڏيان،
”ايندو ايندو غيرتِ چشم غزالان عنقريب.“

بس انهيءَ اُميد تي اڄ تائين زنده آهيان،
”ايندو ايندو غيرتِ چشمِ غزالان عنقريب.“

جي اهو ئي طور تو جاري رکيو ’**عاطف**‘ سان پو،
موت جي منهن ۾ هليو ويندو هِي نادان عنقريب.

هالا ۱۹۸۲ع

# غزل

(1)

دلربا شرفِ بندگي بخشيو.
هيءَ خوشي مون کي دائمي بخشيو.

جان هڪ آهيون جسم ٽي هڪڙو،
"سالِ نو کي ڪا زندگي بخشيو."

هجر ۾ حال هيڻا ٿيا هاڻي،
چَپ چَپن تي رکي خوشي بخشيو.

منهنجي سامهون کِلي وري دلبر،
مون کي هڪ پيرو بيخودي بخشيو.

مون کي ٻاهن ۾ آڻي پيار ڪري،
منهنجي دنيا کي روشني بخشيو.

هار ٻاهن جو پيار مان پائي،
ڪجھ تہ انعام عاشقي بخشيو.

ذڪر ڳوڙهن جو يا اکن جو لڪان،
ڪجھ تہ ڪا ظرفِ شاعري بخشيو.



فڪر دنيا ڇڏي ڏنم هاڻي،
مون کي بي لوث دوستي بخشيو.

جيسين منزل ملي اي جانِ '**سعيد**'،
تيسين '**عاطف**' کي دلبري بخشيو.

هي نہ سوچيو تہ رنج ڪيڏو مليو،
هر ڪهينڪي خوشي ڪلي بخشيو.

پنهنجي '**عاطف**' جي سيني ساڻ لڳي،
خوش ٿيو خوشي گهٽي بخشيو.

**٢٧-٢-١٤٠٢ھ**
**٢٥-١٢-١٩٨١ع**
هالا

(2)

مون کي اهو جنون آ تہ مان دلربا ڏسان،
پيو ڪجھ ڏسان يا ڪجھ نہ ڏسان مهلقا ڏسان.

ڪوشش اها رهي آ تہ محبوب ڏي وڃي،
ٻاهن ۾ هن کي آڻي انهيءَ جو حيا ڏسان.

جنهن جي سهاري سمنڊ جي هر موج سان وڙهيس،
هي آرزو آ هر گهڙي سو ناخدا ڏسان.

جنهن جي ڪري زمانو سڄو آهي مون ڇڏيو
تنهن دلربا جي مون لءِ چاهي رضا ڏسان.

هن ڪان پري جيئڻ جي تہ ڪاٽيم سزا گهٽئي،
تقدير هاڻي ڏيندي پلا چا جزا ڏسان.

آهي ٻڌل تہ موت ئي انجام عشق آهہ،
مون کي جنون تہ مان بہ اها انتها ڏسان.

آهي دعا تہ يار جي ٻاهن ۾ ئي جيان،
پوري ڪري هي آس ڪڏهن تو خدا ڏسان.

موليٰ ڪجائين مِهر تہ آسان جيئڻ ٿِئي،
هرِ هرِ گهڙي ۾ مان پيو سندم آشنا ڏسان.



اڪثر سڄڻ کي آهي مون ٻوسو ڪنار ڪيو
اڄ پيار هو ڪري تہ سندس ابتدا ڏسان.

هن جي وفا تي آهي يقين مون کي هر گهڙي،
هو مون کي آزمائي تہ پنهنجي وفا ڏسان.

گستاخ ٿي مون هن کي گلي لائي پيار ڪيو
کهڙي انهيءَ جي ڏيندو هو مون کي سزا ڏسان.

هن خوش ٿي پنهنجي سيني سان مون کي لڳايو،
ءِ پو چيائين دنيا ڪري سگهندي چا ڏسان.

زنده ملڻ نہ ٿيو تہ پو ٻاهن ۾ ئي مرون،
روڪي سگهي تو ڪير انهيءَ ڪان پلا ڏسان.

ظاهر ملڻ نہ ٿيو تہ پو باطن ۾ ئي ملون،
روڪي سگهي تو ڪري انهيءَ ڪان پلا ڏسان.

'**عاطف**' سواءِ هن جي نہ زنده ڪڏهن رهي،
پوري خدا ڪري تو اها مدعا ڏسان.

هالا
۲۹-۲-۱۴۰۲ھ
۲۷-۱۲-۱۹۸۱ع

(3)

دلربا اڄ پاءِ ڀاڪر هن جهان جي روبرو اڄ،
ڇڏ مسئلا زندگيءَ جا پيار جي ڪر گفتگو اڄ.

مان ڇڏي دنيا اچان ٿو تون بہ ڇڏ ساري جهان کي،
پاڻ منڙا ٿي وڃون ٻئي ليليٰ مجنون هوبَهو اڄ.

پيار ۾ هڪ ٿي وڃڻ ئي پيار وارن جو اصول آ،
اڄ تہ ڀاڪر پائي ٻيئي عشق ۾ ٿيون دوبدو اڄ.

ماٺ مان ڪجهہ ڪونہ ٿيو تون آ تہ سرڪش ٿي ڏسون ٻئي،
يار انجامِ محبت جي رکون ڪا آبرو اڄ.

هڪ ٻئي بن ڪونہ جي بو ياد آيو واعدو پو،
هڪ ٻئي کي سيني لائي مرڻ جي ٿي آرزو اڄ.

هڪ ٻئي بن ڪونہ جي بو ياد آيو واعدو هو،
هڪ ٻئي کي سيني لايون عشق جي ٿي آرزو اڄ.

اڄ سرِ محفل ملون، چرچا ٿين پنهنجا ڀلي کي،
ڳالهيون پنهنجي پيار جون پکڙن جهان ۾ سو بہ سو اڄ.



پيار گر آهي سچو پو اڄ تہ هڪ ڀيرو وري ٻَئي،
عشق جو افسانو ورجائي ٿيون ٻَئي سرخرو اڄ.

پاڻ هڪ ٻئي جا چريا آهيون اهو اقرار ٿي ويو،
ڳالهہ هي آهي صبا پهچائي هر هر ڪو بہ ڪو اڄ.

جان ’**عاطف**‘ چپ رهياسون پر نہ ڪجهہ وريو اٿئون پو،
هاڻ گڏجي پاڻ ڪريون هڪ ٿيڻ جي جستجو اڄ.

ڪراچي
۱-۳-۱۴۰۲ھ
۲۹-۱۲-۱۹۸۱ع

(4)

تو سوا اي جانِ **’عاطف‘** زندگي کي ڇا ڪريان،
جنهن ۾ گڏ تون، مون سان ناهين تنهن خوشيءَ کي ڇا ڪريان.

ديد تنهنجي منهنجي لءِ آهي عبادت جانِ من،
ان سوا آئون ڀلا ٻي بندگي کي ڇا ڪريان.

دور توکان ٿي پو آئون جڳ اندر مشهور ٿيا،
مان ڀلا جانِ وفا ان بهتري کي ڇا ڪريان.

مون تہ سر تنهنجي اڳيان آهي جهڪايو دلربا،
عشق ۾ بر تر ٿيس، ٻي برتري کي ڇا ڪريان.

تون ئي تون هر طرف آهين تو سوا ٻيو ڪجهہ نہ آهہ،
توکان رخ موڙي جهان سان دوستي کي ڇا ڪريان.

آرزو **’عاطف‘** جي آهي تنهنجي قدمن ۾ جيئي،
تون ئي چئہ جانِ **’سعيد‘** آئون خودي کي ڇا ڪريان.

ڪراچي
٢-٣-١٤٠٢ھ
٣٠-١٢-١٩٨١ع



(5)

رسم هر ٽوڙي توسان پيار ڪبو،
ير اهو ڏوهہ بار بار ڪبو.

تون جدا ٿئين تہ بند ٿي ڌڙڪن،
ايترو دل کي بيقرار ڪبو.

منهنجو تون مرڪزِ يقين آهين،
ٻي تي هرگز نہ اعتبار ڪبو.

ڪئين ورهہ ويا اجان خدا ڄاڻي،
”ڪيترو هن جو انتظار ڪبو“.

تون نہ آئين نہ نيڻ ڪجهہ نہ ڏسن،
ان طرح تن کي اشڪبار ڪبو.

رنج ڪيڏو بہ پهچي دل کي مگر،
ڪونہ دامن کي تار تار ڪبو.

صبر ۽ شڪر مان نہ ڪجهہ مليو
هاڻ دنيا جو بند قرار ڪبو.

وعدا پورا ڪبا سيئي دلبر،
ڪونہ اُلفت کي داغدار ڪبو.

محفلن ۾ ٿبو شريڪ مگر،
مرڪزِ فڪر پنهنجو يار ڪبو.

جيترو ظلم اهلِ دنيا ڪري،
اوترو پيار پائدار ڪبو.

هر ستم سهندي توڙي پيو وڃندس،
تنهنجي خاطر قبول دار ڪبو.

جنهن طريقي سان تون ملين جاني،
سو طريقو بہ اختيار ڪبو.

تنهنجي سيني کي سيني سان لائي،
تنهنجون ٻاهون ڳچيءَ جو هار ڪبو.

ملڻو آهي ضرور ملنداسين،
ڪونہ دل تي اجايو بار ڪبو.

تو سوا زنده ڪونہ رهندس مان،
راز هي جڳ تي آشڪار ڪبو.



گر سوا تو جيئڻ جو آيو خيال،
تير سيني مان آرپار ڪبو.

زندگي منهنجي آهي توسان فقط،
ٻي کي ڪئن پنهنجي من جو ٺار ڪبو.

آڻي ٻاهن ۾ وات ڏي تنهنجي،
ويجهو هڪدم سندم غدار ڪبو.

تنهنجي هوندي اي جانِ من ٻي کي،
ڪئن ڀلا پنهنجو رازدار ڪبو.

رسم دنيا کي توڙ جانِ وفا،
پيار تو ساڻ بيشمار ڪبو.

پيري، دولت، جهان ۽ جيون،
تنهنجي قدمن تان سڀ نثار ڪبو.

مهربان کي لڳائي سيني سان،
اڄ قرارن جو ڪاروبار ڪبو.

پل پو حالت خراب ٿئي ليڪن،
دور دلبر ڪان هرڪو خار ڪبو.

هرڪو وعدو نڀائي جانِ سعيد،
پنهنجي اُلفت کي شاهڪار ڪبو.

پنهنجي همت سان قول پورا ڪري،
اهلِ دنيا کي شرمسار ڪبو.

هو ڏسڻ شر لائي سيني سان،
خود کي ان طرح پرخمار ڪبو.

اي صنم مون ڏي تون اچين نہ اچين،
عمر ڀر تنهنجو انتظار ڪبو.

سڀ ستم سهندي چپ ڪبي ’**عاطف**‘،
ڪونہ ڪنهن کي قصور وار ڪبو.

جانِ ’**عاطف**‘ هي واعدو آهي،
پيار پنهنجي کي يادگار ڪبو.

اڄ لڳائي گلي سان چئو ’**عاطف**‘،
توکي هر وقت غمگسار ڪبو.

هالا
۷-۳-۱۴۰۲ھ
۳-۱-۱۹۸۲ع



(6)

جنهن ۾ تون ناهين صنم ان ڪاروان سان منهنجو چا،
جو هجي تنهنجو مخالف ان جهان سان منهنجو چا.

جنهن مان توکي رنج ملي ان بوستان سان منهنجو چا،
جيڪو گهر تو لءِ نہ آ تنهن آشيان سان منهنجو چا.

منهنجي دل جي تون ئي تون ئي ڌڙڪن ساھ توسان ئي سندم،
چو رڪان دنيا جي خواهش مهربان سان منهنجو چا.

تون سندم دل ۾، اکين ۾ تو رهين اي نازور،
منهنجي دل آهي چمن پو گلستان سان منهنجو چا.

مون محبت آهي ڪئي ساري جهان کي سڀ خبر،
پو پلا ڪيئن ٿا چون آه و فغان سان منهنجو چا.

آهيان عاشق تہ پو چا لءِ ٿي فڪر زندگي،
مان چمان رستا سڄڻ ڪهڪشان سان منهنجو چا.

تنهنجو منهنجو پيار آ جڻ ليڪ پٿر تي لڳل،
هي حقيقي آهي ٻي ڪنهن داستان سان منهنجو چا.

زندگي ’**عاطف**‘ جي گذري پئي سڄڻ جي پيار ۾،
بس مران هن وٽ پو عمر جاودان سان منهنجو چا.

هالا-شب
۷-۳-۱۴۰۲ھ
۳-۱-۱۹۸۲ع

(7)

تون ئي منهنجي جهان جو وارث،
جان ۾ امتحان جو وارث.

منهنجي دنيا کي تو سنواريو آ،
تون ئي هن شان مان* جو وارث.

توئي گشن ڪيو منهنجي دنيا کي،
تون انهيءَ گلستان جو وارث.

تنهنجي گلشن جو باغبان آهيان،
۽ تون هن باغبان جو وارث.

مون ئي تنهنجي آ ميزباني ڪئي،
رهہ سدا ميزبان جو وارث.

تنهنجي اُلفت ئي مون کي مان ڏنو
تون ئي '**عاطف**' جي شان جو وارث.

ڪراچي
۱۳-۴-۱۴۰۲ھ
۸-۲-۱۹۸۲ع

* نوٽ: شان مان منهنجو نالو آهي.



(8)

مرادون ٿي وڃن پوريون هلي آ جان عبادت ڪر،
وڃن مٽجي سندم سڀ غم گلي لائي محبت ڪر.

اڳي وانگر وري ڪو حادثو ٿئي ۾ اچي تون هت،
لبن تي لب رکي جانان وري پيهر عيادت ڪر.

سدائين تون سندم رهبر ٿي رهہ جي نہ تہ ڪري ويندس،
سندءِ عاشق جي سهڻا يار تون ئي تون قيادت ڪر.

نہ ير ڦٽڪاءِ تون ايڏو مري ويندس تہ ڏک ٿيندئي،
محبت ۾ سڄڻ پيارا مروت ڪر مروت ڪر.

ڇڏي دنيا جي ڳالهين کي اي دلبر تون بہ مون وانگر،
زماني جي اصولن سان صنم خار بغاوت ڪر.

سندءِ خاطر زماني کي ڇڏي آيو آهيان جاني،
وجهي ٻاهون ڳچي ۾ اج وري مون تي عنايت ڪر.

آهيان تنهنجي ڪري '**عاطف**' مگر اج تون بہ '**عاطف**' ٿي،
ملائي سيني سان سينو سڄڻ پرپور اُلفت ڪر.

ڪراچي
۱۴-۴-۱۴۰۲ھ
۹-۲-۱۹۸۲ع

(9)

چُپ منهنجي چپن ساڻ ملائڻ لا هلي آ،
مون کي پنهنجي سيني سان لڳائڻ لا هلي آ.

هي عمر جون گهڙيون پيون گذرن صفا غمگين،
دلدار مٺا مون کي کلائڻ لا هلي آ.

ٻاهن ۾ وجهي ٻاهون وري مست ٿيون اڄ،
آ، جامِ دهن مون کي پيارڻ لا هلي آ.

گذري پئي حياتي رڳو بيڪار سوا تو،
ڏئي پيار خوشيون ان ۾ وسائڻ لا هلي آ.

تو بن اي سڄڻ زنده رهڻ مون کان بدتر،
محبوب مٺا مون کي جيارڻ لا هلي آ.

مان عرض ڪريان پيار جو انڪار ڪري تون،
هڪ ڀيرو وري يار ستائڻ لا هلي آ.

اي ماهِ لقا نامِ خدا پير چمڻ ڏي،
هي لفظ وري مون کان چوائڻ لا هلي آ.



ٿا نيڻ سندءِ يار سندم ياد ۾ جاڳن،
تون مون کان اکيون پنهنجيون چمائڻ لا هلي آ.

ٻاهن ۾ سندم جيئنديءَ هي اقرار آ تنهنجو،
اي رشڪِ وفا وعده نڀائڻ لا هلي آ.

’**عاطف**‘ جي خوشين جو تہ سبب تون ئي آهين پو،
هي زندگي پُرڪيف بنائڻ لا هلي آ.

ڪراچي
۱۸-۴-۱۴۰۲ھ
۱۳-۲-۱۹۸۲ع

(10)

محبوب گلي لائي تون ڪر پيار جو آغاز،
پر سوز حياتي منهنجي ٿئي هاڻ تہ باساز.

اڳ هئس ئي پٿر مگر اڄ آهيان هيرو،
اي يار اهو آهي سندءِ پيار جو اعجاز.

هڪ ٻئي جا آهيون، رهنداسين هڪ ٻئي جا سدائين،
چونداسين اها ڳالهہ زماني کي بہ آواز.

ڪجھ تون ٻڌان ۽ وري ڪجھ پنهنجون ٻڌايان،
تون منهنجي ۽ مان تنهنجي آهيان درد جو دمساز.

مڃنار مڃا هاڻ زماني ڪان ڊڄون ڇو
پنهنجي هي محبت سڄي دنيا ۾ آ ممتاز.

هن ساري زماني ڪان الڳ دنيا وسايون،
'**عاطف**' سان تون هل گڏجي اصولن ۾ ٿي همراز.

ڪراچي
۱۸-۴-۱۴۰۲ھ
۱۳-۲-۱۹۸۲ع



(11)

دلدار لڳايان توکي گلي ڪجھ هيڏهن رڙھ ڪجھ هيڏهن رڙھ،
هي دنيا سڙي پئي يار پلي ڪجھ هيڏهن رڙھ ڪجھ هيڏهن رڙھ.

اڄ رسمن کي ٽوڙي ٻيئي هڪ جان ۽ هڪڙو جسم ٿيون،
پل سارو زمانو هٿ پيو ملي ڪجھ هيڏهن رڙھ ڪجھ هيڏهن رڙھ.

دني وارن جي ڳالهہ نہ ٻڌ انهن کي چوڻ ڏي جو بہ چون،
پل پنهنجي عشق جي ڳالهہ هلي ڪجھ هيڏهن رڙھ ڪجھ هيڏهن رڙھ.

هڪ آهيون پو هي دوري ڇو لب هاڻ لبن سان ملڻ گهرجن،
منهنجي ٻاهن کي ٻاهن ۾ جهلي ڪجھ هيڏهن رڙھ ڪجھ هيڏهن رڙھ.

مون هجر ۾ ڪيئي صدما سٺا ۽ تو سوا ڪهڙا درد مليا،
اڄ عاشق توسان سور سَلي ڪجھ هيڏهن رڙھ ڪجھ هيڏهن رڙھ.

اکين ۾ آهين تون ئي سڄڻ ۽ '**عاطف**' جي يادن ۾ تون،
ڪري پيار تي دنيا ٻلي ٻلي ڪجھ هيڏهن رڙھ ڪجھ هيڏهن رڙھ.

ڪراچي
۱۹-۴-۱۴۰۲ھ
۱۴-۲-۱۹۸۲ع

(12)

جهان ۾ ڳڪوئي ناهي جو اسان جي داستان سمجهي،
نڪو ٿو گلستان سمجهي نڪو ٿو باغبان سمجهي.

اهو ڪافي آ منهنجو رنج و غم هو مهربان سمجهي،
ضروري ناهي ڳالهيون هي سمورو ئي جهان سمجهي.

گهڻي مدت ڪان پوءِ سمجهيئين تہ پو احساس ٿيو مون کي،
”زمين جي ڳالهہ ڏاڍي دير سان ٿو آسمان سمجهي.“

اجوڪي وقت ۾ هر شخص پنهنجي مسئلن ۾ گُم،
تہ پو ڪئن ڪو ٻئي ڪنهنجي ڀلا آهہ و فغان سمجهي.

هي دنيا آ، هتي وڻڻو پوي ٿو سختين سان ڪم،
جهان ۾ گهٽ ڏسون ٿا جو محبت جي زبان سمجهي.

مون پنهنجي ڳالهہ کولي سڀ کي سمجهائي مگر ڇا ٿيو
اٿم افسوس جو سچ کي ٿو سيڪو هٽ گران سمجهي.

منو محبوب گڏ آهي تہ صحرا پڻ چمن ٿيو پئي،
نہ آهي ڪنهنجي پروا، خود کي ڇا ٿو گلستان سمجهي.



تون اچ محبوبِ من مون وٽ ملي محفل مچايون ڪا،
ملڻ کي خوشنصيبي ۽ خوشي ٿو ميزبان سمجهي.

هلي آ جانِ من گلشن جي قسمت کي سنواريون اچ،
سندءِ آمد کي خود خوشقسمتي ٿو بوستان سمجهي.

وڃي دم تنهنجي ٻاهن ۾ اهو ئي بس جنون آهي،
سندءِ عاشق ڀلا ڇا لءِ حياتِ جاودان سمجهي.

جا گذري تنهنجي ٻاهن ۾ اهائي زندگي آهي،
سوا تنهنجي، حياتيءَ کي ٿو ’**عاطف**‘ رائگان سمجهي.

ڪراچي
٢٠-٤-١٤٠٢ھ
١٥-٢-١٩٨٢ع

(13)

رسمن کان جان آزاد ڪجي،
دلبر سان ملي دل شاد ڪجي.

هر وقت سڄڻ کي خوش رکجي،
هن کي نہ ڪڏهن ناشاد ڪجي.

هر هنڌ ۾ هر ڪنهن حالت ۾،
هر وقت سڄڻ کي ياد ڪجي.

هڪ پل بہ وساري ياد ان جي،
ڪئن عمر سڄي برباد ڪجي.

ناصح کي نظر انداز ڪري،
اُلفت ير لاتعداد ڪجي.

واعظ، ناصح، منصف کي ڇڏي،
پنهنجي دل جو خود ئي داد ڪجي.

دلبر جي يادن سان '**عاطف**'،
هن دل کي سدا آباد ڪجي.

ڪراچي
١٩-٥-١٤٠٢ھ
١٦-٣-١٩٨٢ع



(14)

ملن ٻاهون صنم ڪجهہ ڪجهہ،
ستم سان گڏ ڪرم ڪجهہ ڪجهہ.

ڪريون هڪ ٻئي جي ٻئي گڏجي،
عذارن کي بہ نم ڪجهہ ڪجهہ.

پري ڇا لءِ آهيو بيٺا،
وڌايو اڄ قدم ڪجهہ ڪجهہ.

لبن تي لب رکو هڪدم،
ٿئي رنگين جنم ڪجهہ ڪجهہ.

گلي لائي بدن هڪ ٿيو،
ملي دم ساڻ دم ڪجهہ ڪجهہ.

نڀايون ان طرح وعدا،
لکي هرڪو قلم ڪجهہ ڪجهہ.

رهو '**عاطف**' جي ٻاهن ۾،
هجي ٻانهن ۾ خم ڪجهہ ڪجهہ.

هالا
٢٣-٥-١٤٠٢ھ
٢٠-٣-١٩٨٢ع

## (15)

تنهنجي پيار سان دل آباد هجي،
هر وقت ايهين ئي شاد هجي.

هن دنيا جو هي اصول آهي،
خود خوش ۽ ٻيو برباد هجي.

هرڪو خود لءِ چاهي ٿو خوشيون،
پروا ڇا، ڪو ناشاد هجي.

هت پيار ڪري تہ اهوئي ڪري،
رسمن کان جو آزاد هجي،

جت مطلب جا پوڄاري هجن،
ڪئن اهڙي جڳهہ تي داد هجي.

سا زندگي آهہ سچي جنهن ۾،
خوشين جو گهٽ تعداد هجي.

منهنجي لءِ ڪافي آهي اهو،
دلبر کي '**عاطف**' ياد هجي.

هالا
٢٣-٥-١٤٠٢ھ
٢٠-٣-١٩٨٢ع



## (16)

علي مڱرئي* جو آ منٺار ڏاڻو،
"هميشہ کان هاري جو دلدار ڏاڻو."

سندس پيار، سنسار، گهر ٻار ڏاڻو،
۽ سينگار، غمخوار، آڌار ڏاڻو.

سندس اهلِ خانہ ۾ ڪيئن ڏاڻا ڏاڻيون،
مگر تن سڀن جو آ سردار ڏاڻو.

ڏسڻ ساڻ هن کي ٿو خوش ٿئي ۽ وندري،
ازل کان سندس آهي سينگار ڏاڻو.

نہ جيسين ٻين کان ٻڌي ذڪر پنهنجو،
ٿو ڦٿڪي ۽ سٽڪي ٿي لاچار ڏاڻو.

بَظاهر ڇِڙي ٿو مگر دل ۾ خوش ٿَو،
مجي يا نہ ليڪن سندس يار ڏاڻو.

---

* نوٽ: هي غزل الب المولٰيٰ سائن جي خدمتگذار علي محمد مڱرئي کي چيڙائڻ لاءِ لکيم جيڪو ڏاڻي تان چڙندو آهي.

هي منظور، خوشتر، نماڻو ۽ ساغر،
سڀين لاءِ آهي مزيدار ڏانئو.

جمل، پخ يا شالو پلي چٽوس '**عاطف**'،
مگر مالڪن سان وفادار ڏانئو.

وڏو بنگلو هالا
١٥-٦-١٤٠٢ھ
٣٠-٣-١٩٨٢ع



(17)

تقدير پنهنجي منهنجي ٺاهيو پلي پلي،
ٻاهن جو هار هڪدم پايو پلي پلي.

گلڙن جا پن اسان تي واريو پلي پلي،
”دلدار منهنجو پيارو آيو پلي پلي.“

دلدار يار هاڻي ترسڻ ٿيو ڏکيو،
ٻاهن ۾ ڪر اچڻ جو سکيو پلي پلي.

ڦهرين جهان جي ٺاهيل رسمن کي ٽوڙيو،
پو مون کي منهنجا مالڪ چاهيو پلي پلي.

فڪرِ جهان ڇڏي اڄ ٿي همڪنار ير،
اُلفت جا ڳيچ ڳڏجي ڳائيو پلي پلي.

خود ٿي '**سعيد**' بنجي '**عاطف**' سان اڄ مِلي،
پو سيني ساڻ ان کي لايو پلي پلي.

هالا
٥-٦-١٤٠٢ھ
٣١-٣-١٩٨٢ع

(18)

ياڪر وجهي هو وعدو نڀايو ڀلي ڀلي،
۽ پوءِ گلعذار ستايو ڀلي ڀلي.

هڪ ڀيرو يار پنهنجي لبن مان پياريو،
پو ساري عمر مون کي رلايو ڀلي ڀلي.

ڀهرين جهڪڻ ڏيو مون کي رخ ماهہ جي مٿان،
پو شرم کان نگاهہ جهڪايو ڀلي ڀلي.

دنيا جي هرڪا ريت وساري اي جانِ من،
پو مون سان پنهنجو سينو ملايو ڀلي ڀلي.

ڀهرين يقين ڏياريو نہ رئاڙيندؤ ڪڏهن،
پو سيني لائي خوب کِلايو ڀلي ڀلي.

منهنجي بدن جي بوءِ جڏهن ختم ٿي وڃي،
پو پنهنجو هي لباس مٽايو ڀلي ڀلي.

’**عاطف**‘ جي جسم جان ۾ لڳائيوَ جا باهہ سا،
لب لب سان اچ ملائي اجهايو ڀلي ڀلي.

هالا
۵-٦-۱۴۰۲ھ
۳۱-۳-۱۹۸۲ع



(19)

جهڪيل هميشہ آهي تو اڳيان سر اسانجو،
ليڪن رهي ٿو هردم توتي اثر اسانجو.

دردن جي وادين مان آهي گذر اسانجو،
”آهہ و فغان سان ڪم آ شام و سحر اسانجو.“

هر وقت آهي طاري سڪرات جهڙو عالم،
اُن هوندي پڻ جيون پيا هي آ جگر اسانجو.

دنيا جي دولتن جي لالچ نہ آهي دل ۾،
دندان تنهنجا ۽ لب لعل و گهر اسانجو.

تون گڏ آهين تہ سهڻا ڀهڪي ٿو آشيانو،
گر ناهين پوءِ پُر آ دردن سان گهر اسانجو.

تنهنجا پيار، ڳالهيون ۽ ذڪر، فڪر، ڏکڙا،
ساري حيات جو آ، هي ئي ثمر اسانجو.

توکي ٻڌايا چا اچ، ڪئن روز و شب ٿا گذرن،
جڻ ساعتن جو صدين ۾ ٿيو سفر اسانجو.

تنهنجي پيار تي آ دارومدار دلبر،
افسانئہ حياتي هي مختصر اسانجو.

سالن جي ڳالهہ ڪهڙي هڪ ڏينهن ٿيو مصيبت،
هڪ پل بہ يار تو بن ڪٿن ٿئي بسر اسانجو.

توريءَ اي رشڪِ ساحر حالت اها رهي ٿي،
آهُن ۾ وقت گذري ٿو بيشتر اسانجو.

توکي ٿي آهي پارت '**عاطف**' جي زندگيءَ جي،
تون ئي جهان ۾ آهين هڪ راهبر اسانجو.

**هالا**
**٥-٦-١٤٠٢ھ**
**٣١-٣-١٩٨٢ع**



(20)

قسمت جي ڳالهہ ڪي ڇڏ قسمت ۾ ڇا رکيو آ،
اچ ويهہ ڪر ڪي ڳالهيون رخصت ۾ ڇا رکيو آ.

تو بن انهيءَ سموري قدرت ۾ ڇا رکيو آ،
چاندي ۽ سون جهڙي رشوت ۾ ڇا رکيو آ.

تو ريءَ اي جان اسان جي حالت ۾ ڇا رکيو آ،
خوشين، غمن، جهان ۽ دولت ۾ ڇا رکيو آ.

زهرِ جدائي پي پي بنجي وياسين عادي،
"ڏي تلخ مي ڪا ساقي شربت ۾ ڇا رکيو آ."

منهنجو تہ پيار، عزت، ايمان ۽ جان تون ئي،
دنيا جي ڪوڙي سستي شهرت ۾ ڇا رکيو آ.

توتان زمانو سارو قربان ڪري سگهان ٿو
شهرت جي ڳالهہ ڪهڙي شهرت ۾ ڇا رکيو آ.

تون گڏ آهين تہ هر پل مون لءِ بهار آهي،
جنهن ۾ پري آهين تنهن ساعت ۾ ڇا رکيو آ.

تنهائين جا جيڪي رهيا مخالف،
انهن کي چاڻ ڪهڙي خلوت ۾ چا رکيو آ.

ڪي ڪي وفا تا چاڻن دنيا ۾ باقي اڪثر،
اڄڪلھ جي دوستي ۽ اُلفت ۾ چا رکيو آ.

آهون پرڻ، هجر ۽ ڦٿڪڻ، مرڻ پيو بس،
'**عاطف**' جي لاءِ باقي فرقت ۾ چا رکيو آ.

هالا
١٦-٦-١٤٠٢ھ
١٢-٤-١٩٨٢ع



(21)

اي رهبر اڄ ٿي وڃ،
سخنور اڄ هتان ٿي وڃ.

سندم فوٽو چمڻ وارا،
سخي ير اڄ هتان ٿي وڃ.

سندءِ چريو جيارڻ لءِ،
تون ساحر اڄ هتان ٿي وڃ.

سندم قسمت ٻڏائڻ لءِ،
دلاور اڄ هتان ٿي وڃ.

خزائن مان ڇڏايان جند،
تون دلبر اڄ هتان ٿي وڃ.

پيو داهون ڪري '**عاطف**'،
اي صابر اڄ هتان ٿي وڃ.

ڪراچي
٢٢-٦-١٤٠٢ھ
١٨-٤-١٩٨٢ع

( 22 )

برباد ٿيڻ واسطي ديوان ڪپن ٿا،
چاڪاڻ جو هت جان جا نذرانا ڪپن ٿا.

في الحال تہ خوشين جو تصور بہ نہ آهي،
”خوشحال رهڻ واسي پيامان ڪپن ٿا.“

ڳالهيون ڪي ٿهن چو تہ پو رسوائي نہ ٿيندي،
بدنام ٿيڻ لاءِ تہ افسانا ڪپن ٿا.

تو ڪان اي خدا، هڪڙو فقط يار گهريوم ٿم،
دنيا جا مون ڪي ناٿ نہ شاهانا ڪپن ٿا.

روزا، بہ نمازون بہ ۽ ڪجھ دين جي سختي،
الله ڪي خوش ڪرڻ لاءِ شڪرانا ڪپن ٿا.

اڄ شمع بہ روئي ٿي پڪاريو اهو هر هر،
جان مون تان ڏين سي بہ ٿي پروانا ڪپن ٿا.

هن قوم جي تقدير مَتاثڻ لا رڳو ئي،
مستي ۾ پريل بس بہ ٿي مستانا ڪپن ٿا.

’**عاطف**‘ جي خيالات ڪي سمجهڻ جي لاءِ هردم،
ڪيئي نہ مگر چند ڪي فرزانا ڪپن ٿا.

هالا
۴-۷-۱۴۰۲ھ
۲۹-۴-۱۹۸۲ع



( 23 )

مونتي ڪيا زماني ڪي حملا لڪي لڪي،
دلدار ڪي چڏڻ جي تقاضا لڪي لڪي.

پئجي وئي جهان ڪي خبر پر مون سمجهيو،
”دلبر ڪي مون ٻڏائي تمنا لڪي لڪي.“

اُلفت اسان جي صاف پو دنيا ڪان چو ٻڄون،
ٻڄندا، جي ڪن ٿا رنگ رسيلا لڪي لڪي.

افسوس هي بہ وقت نصيبن ۾ هو لڪيل،
ڏسڻو پوي ٿو يار سراپا لڪي لڪي.

جو ڪجھ بہ دل ۾ هو مون سرِ بزم چئي ڏنو،
ڪئن ٿا چئو تہ مون ڪئي دعوا لڪي لڪي.

جيڪي رکياسين گلم جي هيٺان اهي ٽئي،
ميڙي ڪٽي ويو اهو ڏانتا* لڪي لڪي.

’**عاطف**‘ اسان جي قول جي دنيا ڪي ڄاڻ آهہ،
ٿو ڪير چئي ڪيا ٿئون وعدا لڪي لڪي.

هالا
۴-۷-۱۴۰۲ھ
۲۹-۴-۱۹۸۲ع

* هي شعر علي محمد ڪي چيڙائڻ لاءِ لکيو اٿم، هو ڏانتي تان چڙندو آهي.

(24)

آغازِ محبت تي انجام ڏسي رهبو،
دنيا جو لڳايل هر الزام ڏسي رهبو.

ناصح جي نصيحت کي ڪر ياد نہ اي دلبر،
ڏئي پيار پرين پيارا پر جام ڏسي رهبو.

رسمن کي وساري پر هو وعدا مڙئي پاريون،
پل پيار جا دشمن کن بدنام ڏسي رهبو.

ڏي زندگي اي جاني يا پيار جو ساغر ڏي،
انجام تي ٿيندو جو ڪهرام ڏسي رهبو.

پر مون تي عنايت ڪر دنيا سان بغاوت ڪر،
ڪنهنجو تو ڦِٽي جاني آرام، ڏسي رهبو.

اي ساقي رشڪِ گل ڪجھ پيار لبن مان اچ،
پل ڪيئي وڇائن پيا ڪو دام، ڏسي رهبو.

دنيا جي نہ ڪر پروا پيو پيار تون ڪر '**عاطف**'،
ڏيندا جو جهان وارا انعام، ڏسي رهبو.

ڪراچي
٢٨-٧-١٤٠٢ھ
٢٢-٥-١٩٨٢ع



(25)

مون کي تہ يار ساڻ ازل کان ئي پيار هو
هن سان ملڻ جو دل کي گهڻو انتظار هو.

بازوءَ تي منهنجي ڪنڌ رکي آرامي يار هو
"دل بيقرار هوندي نظر کي قرار هو."

ٻاهن جي گهيري ۾ اهو رشڪِ بهار هو
هو فاصلو لبن ۾ تڏهن حالَ زار هو.

جنت کان هي جهان مون کي وڌ لڳو جڏهن،
ٻاهن ۾ منهنجي منهنجو حسين گلعذار هو.

ان وقت ۾ سهارو ڏنو مون کي ناز ور،
جنهن وقت مون تي جڳ جي عداوت جو بار هو.

باطن ۾ ڪونہ رکيو اٿئون پنهنجي پيار کي،
اُلفت جو قصو هي تہ اڳئي آشڪار هو.

دنيا جي احتجاج کي مون رد ڪري ڇڏيو،
چاڪاڻ هن جو مون تي پڪو اعتبار هو.

هن جو '**سعيد**' هن کان بدلبو ڪڏهن بہ ڪونہ،
چا لاءِ پو بہ يار منو بيقرار هو.

پر لطف ڏينهن عمر جا سي ڪٿن وساريا،
'**عاطف**' سان جن ۾ گڏ سندس رازدار هو.

ڪراچي
٢٨-٧-١٤٠٢ھ
٢٣-٥-١٩٨٢ع



(26)

نہ هڪ ٻئي کان جدا آهيون خبر آهي خدائي کي،
اسان ڇڏيو ڪيڏي آهي تصور مان جدائي کي.

خرابيءَ کي لچائيءَ کي برائيءَ کي ڏنگائيءَ کي،
ڪنداسين ختم انشاءَالله ساري بي حيائي کي.

تُڏي ساري جهان کي دلربا اڳيان جهڪائي سر،
"اسان ميٽي ڇڏيو آهي وفا سان بيوفائي کي."

هي بزمِ طالب المولىٰ جي سئي ۾ اٿئون وعدو،
ڪري ڪوشش ڪنداسين عام دنيا ۾ پلائي کي.

محبت ۾ اگر سرڪش جي ٽيڙو پيو تہ ٽينداسين،
ٻچي صياد کان يارو لڪايون چو سچائي کي.

اسان جو پيار اي '**عاطف**' سڄي دنيا تي واضح آ،
مگر دنيا نہ سمڏي آ اسان جي آشنائي کي.

هالا
١١-٨-١٤٠٢ھ
٤-٦-١٩٨٢ع

(27)

يار ري زنده رهڻ مون لءِ ٿيو آزار اچ،
ڪجهه سڪون حاصل ٿئي گر سيني لائي يار اچ.

ڪالهه جن تي عشق ۾ سرڪش ٿيڻ جا قول ڪيا،
آهِ تن جي ئي زبان تي پيار کان انڪار اچ.

هي پريشانيون، اُداسيون ٿي وڃن سڀ دور گر،
دلربا پائي جي ٻاهن جو ڳچي ۾ هار اچ.

بارها توکي ڪيو ٿم عرض، چڱ انڪار ڪي،
”تون پري ڏي جام جاني مان ٿيان ميخوار اچ.“

جيڪڏهن اي رشڪِ ساحر همڪناري تون ڪرين،
خود ڪي ئي وسري وڃين ايڏو ڪريئين مان پيار اچ.

پيار ۾ سيني اصولن سان بغاوت ڪرڻي آهه،
پاڻ سان ويٺي ڪيم هر هر اهو اقرار اچ.

يار توريءَ زندگي مون لاءِ بنجي وئي سزا،
تو سوا زنده رهڻ مان تي ويس بيزار اچ.

جانِ ’**عاطف**‘ رحم ڪر پنهنجي ’**سعيدل**‘ تي وري،
آءُ، خود منهنجي لبن تي پنهنجو رک رخسار اچ.

هالا
١٠-٩-١٤٠٢ھ
٢-٨-١٩٨٢ع



(28)

ٿيون اڪيون تر اوچتو ٻهڪيل گلستان کي ڏسي،
مون رئڻ بدران ڪليو فصلِ بهاران کي ڏسي.

مدتن ڪان بعد مان محبوب وٽ مهمان ٿيس،
ٿيو سڪون حاصل مون کي پنهنجي دل و جان کي ڏسي،

حالِ دوران تي ٿيو شدت سان اچ افسوس آهه،
پوئتي پروانا ٿيا شمعِ فروزان کي ڏسي.

صرف هن جي رخ تي آ جميل نظر، پو ڪئن چوان،
”چڙ قيامت تي ٻپا رفتارِ جانان کي ڏسي.“

جت خوشين ۾ خوب هن جي منهنجي شب گذري هُئي،
اچ وري ڪليس انهيءَ خالي شبستان کي ڏسي.

منهنجو حالِ غم ٻڌي هو زعفراني ٿي ويو،
پو اچي لاٿئين گلي پنهنجي پريشان کي ڏسي.

هن سوا جيئرو رهڻ ’**عاطف**‘ جي لءِ ممڪن نہ آهه،
زنده آهيان صرف هن جي روءِ تابان کي ڏسي.

هالا
٩-١٠-١٤٠٢ھ
٣٠-٧-١٩٨٢ع

(29)

جهان جي سامهون سچڻ سهڻو بي حجاب ملي،
اسان جي زخمِ محبت جو ڪجھ حساب ملي.

سدا صنم جي دهن جو مون کي شراب ملي،
سچڻ جو پيار هميشه ئي بي حساب ملي.

اٽل ارادو آ ٻاهن ۾ يار جي رهبو
نہ قربو هن کان پلي ڪيترو عذاب ملي.

يقين آهي مگر پو بہ دل ۾ آ هلچل،
”خبر نہ آهي الاجي بہ چا جواب ملي.“

مزو سچڻ کي ستائڻ مان ٿو ملي مون کي،
دعا اٿم هو سدا مون سان پر حجاب ملي.

سجي جهان ۾ ٻيو ڪجھ ملي ملي نہ ملي،
مگر جئن لڳ '**عاطف**' سندس لعاب ملي.

هالا
۷-۱۱-۱۴۰۲ھ
۲۷-۸-۱۹۸۲ع



(30)

ٻاهن ۾ هنکي آڻي آ ڪيفزا ڪيو مون،
انطرح پيار جو هڪ هڪ حق ادا ڪيو مون.

منهنجي لبن سان پنهنجا لب هو بہ اچ ملائي،
سيني سان هن کي لاتم ائين بارها ڪيو مون.

مهرخ جي ڪاڻ ساري دنيا ڇڏي سگهان ٿو
اقرار هي جهان جي سامهون سدا ڪيو مون.

جنهن تان مان جان ڏيان ٿو ان لاءِ ڪئن چوان هي،
”پنهنجي ئي بيرخي سان دلبر خفا ڪيو مون.“

'تنهنجو سدائين رهندس'، گلرخ کان هي چوائي،
بيحد حسين خزانون خود کي عطا ڪيو مون.

خوشين جي آرزو هئي بدلي ۾ ڏک ملي ويا،
انهن تي خامشي سان بي اڪتفا ڪيو مون.

مون جهڙي بيوفا لڳ هو هاڻ چئي سگهي ٿو
پنهنجي وفا سان '**عاطف**' کي باوفا ڪيو مون.

هالا شب
۱-۱۲-۱۴۰۲ھ
۱۸-۹-۱۹۸۲ع

(31)

پنهنجي ڏن ۾ ئي گم آهيان هردم،
پنهنجي ڪم ساڻ ئي رکان ٿو ڪم.

پنهنجن زخمن کي خود ڪيم ناسور،
پنهنجي هٿ سان پري ڪري مرهم.

تيستائين وفا ڪبي رهبي،
جيستائين هي جسم ٿئي بيدم.

ڪن بہ ڳالهين تي گريہ زاري ڪري،
ڪونہ ضايع ڪبي ڪڏهن شبنم.

هر مسرت کان رهبو بيگانو،
آهي آهُن جو ڪافي هر سرگم.

جانِ من هاڻ حوصلو گهرجي،
پنهنجي تقدير صرف رنج و الم.

هي پريشاني تي وئي قسمت،
هاڻ شايد ئي ڪا اچي پونم.



پنهنجي حالت کي رکبو پوشيده،
ڪونہ هر ڪنهن اڳيان ڪبو ماتم.

ڪونہ جهڪبو جهان اڳيان '**عاطف**'،
پل ٿئي مون تي ڪيترو بہ ستم.

ڪراچي
**٢٥-١٢-١٤٠٢ھ**
**١٣-١٠-١٩٨٢ع**

## ( 32 )

”ڪيان ڳالھ ڪهڙي نگاھ ڪرم جي.“
نہ آ هاڻ پروا جهان جي ستم جي.
اسان پنهنجو وعدو ڪيو آهي پورو،

خبر پوندي هاڻي صنم جي قسم جي.
تصور ۾ هن ڪي گلي سان لڳائي؛

ڪئي آهي هر پل مون پوڄا صنم جي.
سيہ زلف واريو تہ تقدير ٿاهيان،

وگر نہ هي دنيا نہ آ ڪنهن بہ ڪم جي.
لبن ڪي لبن تي رهڻ تي هميشہ،

ضرورت سندم ساھ ڪي تنهنجي دم جي.
خبر ناهي ڇا لاءِ نٿو خوشيون چاهيان،

اي جاني وري ڳالھ ڪر پنهنجي غم جي.
اي محبوبِ **’عاطف‘** اٿم هاڻ سمجهيو،
اسين آهيون تقدير رنج و الم جي.

شب
چڪ نمبر ١٤١، صادق آباد (پنجاب)
١٦-٢-١٤٠٢ھ
٣-١٢-١٩٨٢ع



## ( 33 )

هڪ ٻئي بن ڪونہ جي بو منهنجو هي اقرار آ،
جي جدا چاهي جئڻ پو پاڻ ئي مختار آ.

تنهنجي انڪارن تي پيارا آب اکين ۾ جهلي،
مسڪرائي چپ رهڻ، منهنجو اهو اظهار آ.

منهنجي عزت، جان، دولت، يار، قسمت، پيار تون،
پو بہ ڇو توريءَ جئڻ جو واهوا تڪرار آ.

مون کي تنهنجي لال لب ۽ سرخ رخسارن جو سُنهہ،
”تو بنان سهڻا سڄڻ منهنجو جئڻ بيڪار آ.“

منهنجا جاني توکي تنهنجي زندگيءَ جو واسطو،
هاڻ ڪر مون تي ڪرم توريءَ نہ ٻيو غمخوار آ.

مون کي هڪ پيرو تون اي جانِ حيا پرکي تہ ڏس،
تنهنجي قدمن جي اڳيان ڇا شاھ ڇا سنسار آ.

تون لبن کي بي تڪلف منهنجي رخسارن تي رک،
مون کان شرمائڻ اي منهنجا ماهرو بيڪار آ.

پنهنجي زلفن کي اي خوشرخ منهنجي تن تي ڏي رهڻ،
پوءِ توکي مان ٻڌايان ڪيڏو توسان پيار آ.

توکي آهي سڀ خبر پو ڇو ٿو ديوانون ڪرين،
ڪنڌ رکي سيني تي ڏس ڪئن زندهہ هي بيمار آ.

پنهنجون ٻاهون منهنجي گردن ۾ ئي ويڙهيل رک سدا،
منهنجي لءِ ساري جهان کان وڌ اهوئي هار آ.

منهنجي بي تابي کان وڌ بي چين تون رهيو آهين،
منهنجو شاهد اي صنم تنهنجو گرم رخسار آ.

شانِ '**عاطف**' ڪجهہ تہ ٻاهن ۾ بہ رک ۽ پيار ڪر،
ان عمل ريءَ نامڪل منهنجو سڀ سينگار آ.

شب
دعوت ٿارو فقير ٻرڙي تعلقو رحيم يار خان پنجاب
١٨-٢-١٤٠٢ھ
٤-١٢-١٩٨٢ع



(34)

سندم جسم سان تن ملائي هليو ويو،
عبادت جو نئون ڏس ٻڌائي هليو ويو.

تڏهن کان آهيان مست، دلبر جڏهن کان،
لبن ساڻ ڪا شيءِ چکائي هليو ويو.

خبر ناهي پو ڪيستائين پيو رئندس،
اگر پيار سان هو کلائي هليو ويو.

ڇُميئين رخ وجڻ مهل، پو ڪئن چوان هي،
"سڄڻ دل کي ڏاڍو ستائي هليو ويو."

پو هي زندگي ٿيندي چرين کان بدتر،
اگر پنهنجو ضد هو مچائي هليو ويو.

اسان پنهنجو انجام ڳولي ڇڏيو آ،
جي هو پنهنجون نظرون مٽائي هليو ويو.

لڳائي گلي، هوش، دل، عقل ۽ ٻيو،
خبر ڪانهي ڇا ڇا وڄائي هليو ويو.

نگاهن سان پهرين ڪيئين مون کي بيوس،
شرارت سان پو مسڪرائي هليو ويو.

الاجي بہ چا ياد آيس جو مرڪي،
چپن کي چپي سر جهڪائي هليو ويو.

تصور ۾ ڪجهہ سوچي مرڪي حيا کان،
هٿن ساڻ چهرو لڪائي هليو ويو.

فقط مون کي ئي ڪونہ چريو ڪيئين پر،
هو خود کي بہ پاڳل بنائي هليو ويو.

ڪيم التجا رخ چمڻ ڏي اي دلبر،
ڪري ها، فقط هٿ چمائي هليو ويو.

وڏي مشڪل سان لبن تائين پهتس،
مگر وچ ۾ ڏئي هٿ نتائي هليو ويو.

مان حيران ئي رهيس هو وعدو نڀائي،
سندم هر تمنا پڄائي هليو ويو.

حسين ماضي پرڪيف يادون ڏئي هو،
خزائن کان مون کي بچائي هليو ويو.

وفا تون، دعا تون، دوا تون، شفا تون،
هي '**عاطف**' کان هڪدم چوائي هليو ويو.

۱۸-۲-۱۴۰۲ھ
۵-۱۲-۱۹۸۲ع
چڪ نمبر ۲۲۴-P تعلقہ رحيم يار خان (پنجاب)



(35)

سڄڻ جي لبن جي حرارت عجب آ،
۽ سهٽين اکين جي سخاوت عجب آ.

پري هوندي هر وقت ديدن ۾ آهي،
اسان جي سڄڻ جي ڪرامت عجب آ.

زبان پنهنجي لب سان لڳائي سِڪائڻ،
سندم جانِ جان جي شرارت عجب آ.

اکين ۾ سڄڻ جي آ تصور هر پل،
"اسان عاشقن جي عبادت عجب آ."

تمنا ڪري رد، خود ئي دور گهارڻ،
وري پو اسان سان شڪايت عجب آ.

چپن چهڻ بدران فلائنگ ڪسز بس،
مٺي مهربان جي قناعت عجب آ.

'**سعيد**' آهي ديوانو پرده نشين جو،
سڄڻ جي جهان وٽ شهادت عجب آ.

اڄوڪي زماني ۾ '**عاطف**' جي يارو،
سڄڻ ڪاڻ جڳ سان بغاوت عجب آ.

۲۳-۲-۱۴۰۲ھ
۸-۱۲-۱۹۸۲ع
شب: ڳوٺ مبارڪ پور تعلقہ پنو عاقل، سکر سنڌ

(36)

هڪ حسين جو حسين انتخاب آهيان،
شوخ چنچل حسينا جو خواب آهيان.

هو جي گڏ آهي پو هر گهڙي خوش آهيان،
هن سوا پنهنجي لءِ خود عتاب آهيان.

منهنجي سيني ۾ ڪو راز آهي لڪل،
ڪنهن حقيقت جي رخ جو نقاب آهيان.

هن جا رخسار، لب، زلف، اکيون ڳچي،
ٿم چميا جو سندس آفتاب آهيان.

جانِ '**عاطف**' چميو رخ ٿيو روشن جهان،
هاڻ هر ڳالهه ۾ ڪامياب آهيان.

شب
ڳوٺ مبارڪ پور تعلقہ پنو عاقل سکر سنڌ
۸-۱۲-۱۴۰۲ھ
۲۳-۲-۱۴۰۲ھ



(37)

منهنجي آغوش ۾ اچو سهڻا،
منهنجي لب کي وري چمو سهڻا.

مان اوهان ۾ ئي ٿي وڃان تحليل،
انطرح مون سان هڪ ٿيو سهڻا.

پنهنجي پروا هجيوَ يا نہ هجي،
مون سان منهنجي ڪري ملو سهڻا.

ڪجھ تمنائون منهنجون پوريون ٿين،
پنهنجا ارمان ڪجھ ڪيو سهڻا.

مدتن جي جدائي ختم ڪري،
مون سان گڏجي وٺو مزو سهڻا.

ٿيو اوهان جي ڪري آهيان '**عاطف**'،
مون تي پنهنجو ڪرم ڪريو سهڻا.

شب- هالا
۲۴-۴-۱۴۰۲ھ
۱۱-۲-۱۹۸۳ع

## (38)

ساڳيو ئي آهيان رشڪِ ماهرويان ڏس اڃي،
منتظر تو لاءِ آ پنهنجو شبستان ڏس اڃي

مطلبي دنيا جي ريتن ۾ رواجن کان صنم،
ڪئن بغاوت پيو ڪري هي تنهنجو نادان ڏس اڃي.

ڪن ڪي پرکڻ لءِ رهان خاموش ٿو اي جانِ من،
ڪنهن بہ صورت حال کان ناهيان پريشان ڏس اڃي.

سَوَ ڏکن هوندي بہ هردم مرڪندڙ رخ کي رکي،
”ڪئن ٿي گذري تو بنان شامِ غريبان ڏس اڃي.“

تنهنجي اُلفت حوصلو بخشيو آ ايڏو جو صنم،
ڪو بہ پل هن زندگيءَ جو ناهي ويران ڏس اڃي.

پنهنجي پيارن جي اجاين سختين جي باوجود،
پنهنجي وعدن تي آهيان قائم اي جانان ڏس اڃي.

تنهنجي اُلفت جي ڪري ئي رشڪِ دنيا ٿيو آهيان،
وارثِ سر، ساهہ و جان، ’**عاطف**‘ جو ايمان ڏس اڃي.

۷-۷-۱۴۰۳ھ
۲۱-۴-۱۹۸۳ع
ڳوٺ باگو وداداڻي، ٽنڊو آدم، سانگھڙ



## (39)

اڄ اڏيون پنهنجو آشيان پيارا،
پل مخالف رهي جهان پيارا.

پنهنجي اشڪن سان جو سنواريو ٿم،
ڏس اچي سو بہ گلستان پيارا.

تنهنجو سُنهن بيشمار پيار ڪندس،
ٿيءُ ڪا رات ميزبان پيارا.

تنهنجي دردن سان ٿم جو سينگاريو
ٿئي ڏسڻ جهڙو آستان پيارا.

پنهنجي اُلفت لڪي نہ سگهندي ڪڏهن،
هر زبان تي آ داستان پيارا.

پنهنجي وعدن جو پاس رکڻُ آٿو
”عشق جو آهي امتحان پيارا.“

روبرو آ هتي يا خوابن ۾،
پوءِ آرام سان سمهان پيارا.

لڏتن مان حيات گذري جي،
ٿين تون ’**عاطف**‘ جو ميهمان پيارا.

ڪراچي
۱۶-۷-۱۴۰۳ھ
۳۰-۴-۱۹۸۳ع

## (40)

اسان کي توکان ڪڏهن ير جدا، خدا نہ ڪري،
اسانکي ڪنهن بہ طرح بيوفا، خدا نہ ڪري.

مان سنگدل ٿيان ۽ تون بہ بيرخي سان ملين،
اها ٿئي پاڻ ۾ پيدا ادا، خدا نہ ڪري.

قرار مون کي اچي ۽ تون پرسڪون رهين،
ملاپ ڪانسوا اهڙي سزا، خدا نہ ڪري.

زماني ڪاڻ ڇڏيون هڪ ٻئي کي اي جاني،
هلي ڪا عمر ۾ اهڙي هوا، خدا نہ ڪري.

ڪهينکي مون کان بہ وڌ چاهين دلربا منهنجا،
بنايان تو سوا مان ناخدا، خدا نہ ڪري.

ڇڏي ڏيان مان سندم همنشين کي '**عاطف**'،
هجي ڪا پنهنجي اهڙي رضا، خدا نہ ڪري.

ڪراچي
٢٣-٢-١٤٠٤ھ
٢٨-١١-١٩٨٣ع



## (41)

آهي سڄڻ جي مونتي عنايت هزار بار،
تنهن هوندي پڻ ڪري ٿو قناعت هزار بار.

گلرخ جي سرخي لب و رخسار جو قسم،
هر رسم سان ڪندس مان بغاوت هزار بار.

موجودگيءَ ۾ هن جي خصوصاً الاجي ڇو
"برپا ٿئي ٿي دل تي قيامت هزار بار."

جانِ وفا اجان بہ عنايت ڪندو اچي،
حالانڪ مون ڪئي آ شرارت هزار بار.

هن دردِ دل جو ڪونہ مڪمل علاج ٿيو
مون ڪئي آ دلربا سان شڪايت هزار بار.

مان پنهنجي عزم تان نہ ڦريو آهيان ڪڏهن،
هن لءِ ڪندس جهان سان عداوت هزار بار.

اُلفت کي بيوقوفي جهان سمجهي ٿو تہ پو،
'**عاطف**' ڪبي اهائي حماقت هزار بار.

هالا
٢٨-١٠-١٤٠٤ھ
٢-٧-١٩٨٤ع

(42)

سنڌ سهڻي سان پيار چو نہ هجي،
دل سندم بيقرار چو نہ هجي.

تنهنجو مقصد سنڌين کي مارڻ سان،
پو پلي شير خوار چو نہ هجي.

سنڌ دشمن سان پيار ناممڪن،
پو ڪٺي گلعذار چو نہ هجي.

هيترا ظلم پو بہ عشق ۾ گم،
"يار جو انتظار چو نہ هجي!!"

هن جي غم ۾ شريڪ رهنداسين،
آهي سنڌي، پو پار چو نہ هجي.

ٽيندو پنهنجي ئي قوم تان قربان،
سنڌ سهڻيءَ جو ٻار چو نہ هجي.

سنڌ لءِ ڪر بغاوتون '**عاطف**'،
پل پو انجام دار چو نہ هجي.

هالا
۴-۲-۱۴۰۵ھ
۲۹-۱۰-۱۹۸۴ع



(43)

هنن وٽ اسان لءِ رڳو پيار ڪونهي،
انهيءَ کان سوا ڪوبہ تڪرار ڪونهي.

چون ٿا غلط هي جهان وارا يارو،
"زماني ۾ ڪوئي وفادار ڪونهي."

نہ جنهن کي محبت مٺي سنڌ سان آ،
سو سنڌي چوائڻ جو حقدار ڪونهي.

اسان جي ڪري همتن کي جو پسپا،
زماني اندر اهڙو ڪو دار ڪونهي.

اسان مقصدن لاءِ وڙهنداسين هردم،
پو چاهي جي ساٿي هي سنسار ڪونهي.

اسان لءِ اسان جون وفائون ئي ڪافي،
نہ پروا اگر ڪو وفادار ڪونهي.

ٿئي قوم سنڌيءَ تان صدقي نہ جيڪو
وڏو چا مگر اهڙو ڪو ٻار ڪونهي.

سندم عزم ۽ حوصلن کي جو موڙي،
ٽيو پئدا '**عاطف**' ڪو سردار ڪونهي.

هالا
۳-۱۲-۱۴۰۵ھ
۲۰-۸-۱۹۸۵ع

(44)

اي صنم تو بن وفا آهي ڪٿي،
زندگي توڪان سوا آهي ڪٿي.

تنهنجي اُلفت اڄ بہ جانم آهي گڏ،
اڄ بہ تو جهڙو مٺا آهي ڪٿي.

تو سوا رشڪِ وفا جانِ سعيد،
”هن زماني ۾ وفا آهي ڪٿي.“

پيار تنهنجي درد منهنجا ميٽيا،
ورنہ دنيا ۾ شفا آهي ڪٿي.

تنهنجي اکڙين جو قسم پيارا پرين،
تو سوا ٻي ڪا دوا آهي ڪٿي.

بيوفائي ٿو ڪريان تو سان اي جان!!!
ڪير ٿو چئي؟ بي حيا آهي ڪٿي.

اڄ بہ توڪان منهنجي جيءَ جا جيءَ جيار،
تنهنجو ’**عاطف**‘ ٿيو جدا آهي ڪٿي.

هالا
۱۰-۱-۱۴۰۷ھ
۱٦-۹-۱۹۸٦ع



(45)

قوميت ۾ حق جي جهنڊي کي جهلي،
ڪاروانِ سنڌ شهادت ڏي هلي.

سنڌ جي خاطر اگر مرڻو پيو
مسڪرائي موت سان ملبو گلي.

تيستائين خامشي ممڪن نہ آهہ،
جيستائين حق نٿو سنڌ کي ملي.

راهِ آزاديءَ تي وڌنداسين پيا،
ظالمن جي منهن تي ڪارث کي مَلي.

ويهنداسين پُرامن ٿي هٿ مگر،
غاصبن کي سنڌ پنهنجي مان پلي.

ختم ٿئي محڪومي سنڌين جي ضرور،
ڪجهہ بہ اُن لءِ ڪرڻو پئي ’**عاطف**‘ پلي.

ڪراچي
۵-۱۰-۱۴۰۷ھ
۳-٦-۱۹۸۷ع

(46)

پنهنجي وعدن ۾ پختگي رهندي،
زندگي تنهن ڪري سٺي رهندي.

دور خوشين پري گهڙي رهندي،
"تنهنجي ايڏي جي بي رخي رهندي."

هر مسئلي کي حل ڪري ويندس،
جيڪڏهن رهبري رهندي.

فڪر ۾ ذڪر صرف تنهنجو آ،
عمر پر تنهنجي بندگي رهندي.

تنهنجي ڌڙڪن جو سنهه تہ منهنجي دل،
تنهنجي قدمن جي خاڪ تي رهندي.

سرخ نيڻن جو سنهه اي رشڪِ حيا،
صرف تو لاءِ عاشقي رهندي.

جانِ '**عاطف**' اهو يقين رکجان،
تنهنجي خاطر ئي زندگي رهندي.

هالا
٩-٦-١٤٠٨ھ
٢٩-١-١٩٨٨ع



(47)

حالانڪ زندگيءَ تي دنيا جا بار آهن،
پر يار اڄ بہ تولءِ '**عاطف**' جا پيار آهن.

هر ويل خوبصورت دلبر هزار آهن،
ليڪن اسان تي اڄ پڻ تنهنجا خمار آهن.

جيڪي اڄان بہ پنهنجي اُلفت کان رنج رهن ٿا،
برهم نہ ٿي انهن تي ويچار ٻار آهن.

اي منهنجا رشڪِ ساغر توکان سواءِ باقي،
"مطلب جي آهي دنيا مطلب جا يار آهن."

جانِ سعيد منهنجا لب اڄ بہ جت جهڪن ٿا،
سي رشڪِ حسن تنهنجا پيارا عذار آهن.

اي همنوا هي '**عاطف**' آهي اوهان جو قيدي،
ان تي اوهان جون مهرون ٿيون بيشمار آهن.

هالا
١٤٠٨ھ
٢٢-٨-١٩٨٨ع

## (48)

خدا ڪري تہ سدائين سڪي رهو دلبر،
اوهان جي سهڻي اکين کي لڳي نہ ڪنهن جي نظر.

هميشه پنهنجي پيارن سان خوش رهو خانم،
محبتن ۾ اسان سان ٿي زندگاني بسر.

سندم سدائين رهو ناخدا اي جانِ وفا،
اوهان جي پيار ۾ گذرن سدائين شام و سحر.

الله پاڻ تي قائم وفا جو پاڇو رکي،
زمانو ياد رکي آهي پنهنجو پيار امر.

اوهان جو عشق هميشه هجي فقط مون لءِ،
سندم پيار اوهان جو هجي سدا محور.

يقين ربّ ۾ آهي تہ پنهنجي '**عاطف**' تي،
ڪندو نہ رشڪِ محبت ڪڏهن ستم يا ڏمر.

ڪراچي
۲۴-۹-۱۴۰۹ھ
۱-۵-۱۹۸۹ع



## (49)

تو سوا ڪنهنجو رخ ڏسڻ آ پاپ،
تنهنجي خوابن بنان سمهڻ آ پاپ.

تون سندم ذهن جو آهين حاڪم،
توکان پو بي اڳيان جهڪڻ آ پاپ.

جستجو سان ڪبو سڄڻ حاصل،
پيار ۾ دوستو رئڻ آ پاپ.

تنهنجو هٿ هٿ ۾ آهي رشڪِ وفا،
هاڻ خوفِ جهان ڪرڻ آ پاپ.

تنهنجا رخسار و لب چمڻ کان پوءِ،
جانِ جان بيو ڪو بت چمڻ آ پاپ.

عشق توسان ڪري سکيو '**عاطف**'،
تو بنان دلربا جئڻ آ پاپ.

هالا
۲۰-۶-۱۴۱۲ھ
۲۷-۱۲-۱۹۹۱ع

## (50)

تنهنجو منهنجو ملڻ جانِ من اتفاق،
پنهنجو ويجهو اچڻ جانِ من اتفاق.

منهنجو توڏي وڌڻ جانِ من اتفاق،
تنهنجو مرڪي ڏسڻ جانِ من اتفاق.

رات تو وٽ رهڻ جانِ من اتفاق،
تنهنجو مون وٽ وهڻ جانِ من اتفاق.

منهنجو ٻاڪر وجهڻ جانِ من اتفاق،
تنهنجو خوشي ٿي کلڻ جانِ من اتفاق.

منهنجي منٿ ڪرڻ جانِ من اتفاق،
تنهنجو سڀ ڪجهہ مڃڻ جانِ من اتفاق.

پهرين شوخي ڪري پوءِ منهنجا مٺا،
تنهنجو '**عاطف**' ٿيڻ جانِ من اتفاق.

هالا
۲۰-۶-۱۴۱۲ھ
۲۷-۱۲-۱۹۹۱ع



## (51)

منهنجي تو لاءِ آ محبت خاص،
مون تي رکجان سدا عنايت خاص.

توکي هردم ملن خوشيون مون کان،
منهنجي لءِ آهہ سا عبادت خاص.

جهڙو آهيان سڄڻ سندءِ آهيان،
مون سان هر هر ڪجئين رعايت خاص.

تنهنجي ديدار لءِ پيو واجهايان،
تون ڪرائج ذرا زيارت خاص.

پنهنجي سيني سان لائي رک مون کي،
پئدا ٿيندي رهي حرارت خاص.

پنهنجي '**عاطف**' تي رک سدا مِهرون،
ملندي هردم رهي هدايت خاص.

هالا
۲۰-۶-۱۴۱۲ھ
۲۷-۱۲-۱۹۹۱ع

## ( 52 )

ٿي جي ڪا اڄ قيامت پو ڪٽي ير منهنجو ڀاڳ،
تون اچڻ جي ڪر عنايت پو ڪٽي ير منهنجو ڀاڳ.

پيار ۾ سڀ ڪجھ لٽائڻ جو اٿئي منڙا رواج،
ڇڏ هدايت ڪر محبت پو ڪٽي ير منهنجو ڀاڳ.

پيار جيڪو دل ۾ ٿَئي سو وار منهنجي پيار تي،
ڪر محبت ڇڏ قناعت پو ڪٽي ير منهنجو ڀاڳ.

جاڻ ٿم چاهين ٿو ٻاهن ۾ سندم هردم رهڻ،
ڀاءِ ڀاڪر ڇڏ سياست پو ڪٽي ير منهنجو ڀاڳ.

خوفِ دنيا ڪي اڄ منهنجي ٻانهن ۾ اچي،
دور ڪر منهنجي شڪايت پو ڪٽي ير منهنجو ڀاڳ.

جانِ '**عاطف**' هڪ گهڙي پنهنجو سراپا ڏي چمڻ،
ٿي وڃي منهنجي عبادت پو ڪٽي ير منهنجو ڀاڳ.

هالا
٢٦-٦-١٤١٢ھ
٢-١-١٩٩٢ع



## ( 53 )

دلربا غم ڪان ڪر سندءِ دل صاف،
آهي سامهون نظر جي منزل صاف.

عشق ۾ ڪونہ ڏِجبو آ ڪنهن ڪان،
رک اي قاتل تون پنهنجو مقتل صاف.

منهنجو محبوب اڄ بہ آهين تون،
تو لءِ هردم آ دل جي محمل صاف.

ڪشتي عشق آ ڪناري تي،
هر جفا، غم ڪان آهي ساحل صاف.

رنج، دوري، دغا ۽ تلخيءَ ڪان،
پاڻ پنهنجي رکي آ محفل صاف.

تنهنجي اُلفت ۾ منهنجا جانِ جان،
آهي '**عاطف**' جو پيار شامل صاف.

هالا
٢٩-٦-١٤١٢ھ
٤-١-١٩٩٢ع

## ( 54 )

توسان منهنجو يار پيارا ٿيو ملڻ هو اتفاقاً،
تو اڳيان محبوب منڙا سر جهڪيو هو احتراماً.

دير سان منهنجي اچڻ تي خوب ڪاوڙ بعد جانم،
مون کي پنهنجي سيني سان يڪدم لڳايئي احتجاجاً.

پاڻ کان توکي الڳ ٿيندي ڏسي، قابو ڪري پو،
مون بہ پنهنجا لب رکيا تنهنجي لبن تي انتقاماً.

تو وچڻ جي ڳالهہ ڪئي جنهن دم اي منهنجا جانِ جان،
تنهنجي قدمن کي چمڻ تنهن دم لڳس مان اعتراضاً.

پيار ۾ بهڪيس تہ سهڻا روشنيءَ کان شرم کائي،
منهنجي رخ تي زلف کولي رات ڪئي تو احطياطاً.

وصل واري رات تو لءِ سيج تي آرام خاطر،
جانِ '**عاطف**' پنهنجو تن مون هو وڇايو اهتماماً.

هالا
٢٩-٦-١٤١٢ھ
٤-١-١٩٩٢ع



## ( 55 )

منهنجا يار مٺا تنهنجي پيار جي سگهہ،
منهنجي لءِ ڪافي اعتبار جي سگهہ.

ڪر دير پلي ڪونہ ٿڪبس مان،
مون ۾ آهي گهٽي انتظار جي سگهہ.

آهہ هڪڙيءَ سان تون هليو ايندين،
آزماءِ پلي بيقرار جي سگهہ.

هڪ جنبش سان جان ڏيندس مان،
تون پلي ڏس اڄ جا نثار جي سگهہ.

پنهنجي پاڪر ۾ قابو رکبس،
ڏسبي پنهنجي گلعذار جي سگهہ.

منهنجو '**عاطف**' تون آهين جانِ وفا،
اڄ ڏسندس مان پنهنجي يار جي سگهہ.

هالا
١-٧-١٤١٢ھ
٦-١-١٩٩٢ع

## (56)

منهنجو محبوب آهي رشڪِ چنڊ،
مون سان منسوب آهي رشڪِ چنڊ.

هن سڄي ساري ڪائنات ۾ اڄ،
مون کي مطلوب آهي رشڪِ چنڊ.

ڇو پلا مان ڏسان حسينن کي،
منهنجي لاءِ خوب آهي رشڪِ چنڊ.

منهنجي تصوير ڪان بہ شرمائي،
منهنجو محجوب آهي رشڪِ چنڊ.

تن لبن مان پيان ٿو آبِ حيات،
مون لاءِ مشروب آهي رشڪِ چنڊ.

هن سموري جهان ۾ '**عاطف**'،
تنهنجو مرغوب آهي رشڪِ چنڊ.

ڪراچي
٧-٩-١٤١٢ھ
١٢-٣-١٩٩٢ع



## (57)

دلدار مٺا هرگز مون کان نہ ٿجان ناراض،
پرواهہ نہ ڪج چاهي ٿئي سارو جهان ناراض.

ڪنهن پل بہ صنم سهٽا جيڪر تون خفا ٿين ٿو
مون کي تہ لڳي ٿو اِئن جڻ سارو سمان ناراض.

اي ماهہ زمان ڇو ٿو مغموم ٿين سوچيندي،
ڪئن ٿيندو اهو ممڪن، مان توکان هُجان ناراض.

بيرخ ٿو رهين جنهن دم جڻ سارو جهانُ خفا،
سڀ ڪجهہ هوندي بہ صنم آ دسترخوان ناراض.

توتان اي جانِ وفا سر ساهہ ڪيان صدقي،
چاهيندس ڪئن آئون ٿئي منهنجو جوان ناراض.

ناراض زمانو ٿئي پرواهہ نہ آ ليڪن،
محبوب کي تون '**عاطف**' هرگز نہ ڪجان ناراض.

ڪراچي
٨-٩-١٤١٢ھ
١٣-٣-١٩٩٢ع

## (58)

مٺا آهي توسان محبت جو سنگ،
سدا آهي توسان محبت جو سنگ.

زماني سڄي کان اي سهٽا پرين،
جدا آهي توسان محبت جو سنگ.

جهان جي خرابين کان جانِ حيا،
صفا آهي توسان محبت جو سنگ.

انهيءَ ڪوڙي دنيا جي پرواهہ ناهہ،
سچا آهي توسان محبت جو سنگ.

سنڌءِ واسطي زندگاني سندم،
پلا آهي توسان محبت جو سنگ.

آهين محبِ '**عاطف**' سراپا وفا،
وفا آهي توسان محبت جو سنگ.

ڪراچي
٨-٩-١٤١٢ھ
١٣-٣-١٩٩٢ع



## (59)

جئن رخ تي آهن اکڙيون ٻہ،
تئن ڏيندس توکي چمڙيون ٻہ.

گلشن ۾ هزارين گل آهن،
ءِ پاڻ انهن ۾ مکڙيون ٻہ.

ارمان ڪريون پورا جهٽ اچ،
دلدار ملايون دلڙيون ٻہ.

محبوب مٺا چو دور رهن،
دليون هڪ ٻئي سان سچڙيون ٻہ.

پرواهہ نہ ڪر دنيا جي سڄڻ،
اُلفت تان ڪندي هوءَ رڙيون ٻہ.

دلبر ڪي نظر سان اي '**عاطف**'،
ڏينهن رات چُمنِ ٿيون چرڙيون ٻہ.

ڪراچي
٩-٩-١٤١٢ھ
١٤-٣-١٩٩٢ع

## (60)

تون اڄ تہ ڳڌجي ڪريون پاڻ اُلفتون محفوظ،
هميشه لاءِ ڪريون ڪي عنايتون محفوظ.

سواءِ تنهنجي ڀلا ڪنهن سان سور سليان مان،
سڄڻ سوين ٿيون آهن شڪايتون محفوظ.

اچو تہ ڳڌجي زماني کي پاڻ سمجهايون،
گهٽيءَ آهن جي اسان وٽ صداقتون محفوظ.

خبر تون وٽ اچي مون کي لڳائي سيني سان،
اندر ۾ ڪيڏيون آهن حرارتون محفوظ.

تون جلد آ تہ متايون اُجون مُينن جون،
لڻايون جيڪي رکيون ٿئون محبتون محفوظ.

اي جان اڄ تہ وري ڳڌجي ساڻ '**عاطف**' جي،
ڪريون انوکيون نيون ڪي عنايتون محفوظ.

ڪراچي
١٠-٩-١٤١٢ھ
١٥-٣-١٩٩٢ع



## (61)

اڄ ڏني آهي يار پيار جي آڇ،
سيني لائي ڏيڻ قرار جي آڇ.

هنکي ڀاڪر وجهڻ جي ڳالھ ڪري،
دل قبولي آ انتظار جي آڇ.

ذهن آهي قبوليو هر هر،
پوري پل پل پٽي ٿيندي پار جي آڇ.

ٻاهون کولي سڏيو اٿم دلبر،
جلد پوري ٿئي بيقرار جي آڇ.

ڪيس ڀاڪر وجهي پيار ڪيم،
نيٺ پوري ٿي من جي ٺار جي آڇ.

پيارَ محبوبِ من ڏنا آهن،
ڏيئي '**عاطف**' کي اعتبار جي آڇ.

ڪراچي
١٠-٩-١٤١٢ھ
١٥-٣-١٩٩٢ع

(62)

مون کي آ منهنجي گلعذار جي ڏيڍ،
منهنجي سهڻي سجڻ جي پيار جو ڏيڍ.

مون تي محبوبِ من مهربان آ،
دل کي آ ان جي اعتبار جو ڏيڍ.

هن جهان جي جهنجهٽ سان منهنجو ڇا،
آهي اُلفت جي ڪاروبار جو ڏيڍ.

سر ترِيءَ تي رکي ڪيم اُلفت،
آ اول کان ئي رسن و دار جو ڏيڍ.

يار سان ڪيم جام اُلفت جو،
ٿم خزاني تي اختيار جو ڏيڍ.

ناهي دنيا جو فڪر **’عاطف‘** کي،
هنکي آ پنهنجي پياري يار جو ڏيڍ.

ڪراچي
١٠-٩-١٤١٢ھ
١٥-٣-١٩٩٢ع



(63)

اي رشڪِ آهو ساروئي منهنجو سڀ پيار اٿئي تو وٽ،
سک، چين ۽ خوشيون سڀ منهنجو دل جا دلدار اٿئي تو وٽ.

محبوب پيارا ڪر هر هر تون پيار گهڻو ئي پيو مون کي،
همراز سعيد آهي تنهنجو ۽ پڻ لاچار اٿئي تو وٽ.

دلدار دلارا او پيارا رک ساڻ سدا تون سعيدل کي،
اي يارا منهنجي اُلفت جو سارو اسرار اٿئي تو وٽ.

مان تنهنجو آهيان ۽ رهندس هر هڪ پل مهرخ تنهنجوئي،
ڪر مون تي نڇاور اُلفت جو سارو پاندار اٿئي تو وٽ.

ڇڏ هوڏ تون دلبر ڪر اُلفت ڇا ڇپ مان حاصل آهي ٿيو،
اقرار بہ تو وٽ آ سهٽا ۽ جان انڪار اٿئي تو وٽ.

اقرار ڪيئي خود **’عاطف‘** ئي آهي همراز سندءِ هر پل،
منهنجي سر ساهہ تي حق هردم من جا مختار اٿئي تو وٽ.

ڪراچي
١٠-٩-١٤١٢ھ
١٥-٣-١٩٩٢ع

( 64 )

تون اچ تہ ذهن تان ٽئي دور يار هجر جو داغ،
نظر نظر سان ملي ۽ وٺي سڪون دماغ.

ڪريون پيار ملون ۽ ڪلون سين جي اڳيان،
نہ آهي خوف نہ پروا تيار آهي دماغ.

رهڻ لبن کي لبن تي ڏي دلربا منهنجا،
سدائين پرندو رهي هي محبتن جو چراغ.

ملائي سيني سان سينو نہ دور ٿي جانم،
رهن سدائين دليون پنهنجون ير بهارو باغ.

بنايون آشيان اهڙو جو سڌ ڪري گلشن،
سنواريون اهڙي طرح جڻ هجي بهشت جو باغ.

جو دل مجي تي ڪبو رهبو سوئي ڪم '**عاطف**'،
نہ مصلحت جي ڪري پيار تي ڏبو ڪو داغ.

ڪراچي
١٠-٩-١٤١٢ھ
١٥-٣-١٩٩٢ع



( 65 )

هن عجيب دنيا ۾ مون سان منهنجي پيار جو ساٿ،
ناهي ڪاڻ عالم جي مون کي آهي يار جو ساٿ.

ڇا چرين جو باغن سان ۽ حسين گلابن سان،
تن لءِ آهي ڪافي ٿيو هڪ اڪيلي خار جو ساٿ.

ڪونہ ٿا ڪپن يارو ڏَهِ هزار ماڻهن جا،
منهنجي لءِ گهڻو آهي هڪڙي دلربا جو ساٿ.

ساري زندگي دل سان جستجو ڪبي رهبي،
ڪونہ آهيان تنها آهي انتظار جو ساٿ.

مون کي موڪلڻ وارا هل تون ساڻ مسجد ۾،
ڪافي ناهي اي ناصح صرف اعتبار جو ساٿ.

آهين خوشنصيب '**عاطف**' هن جهان قاتل ۾،
توکي بخشيو موليٰ تنهنجي گلعذار جو ساٿ.

ڪراچي
١١-١٠-١٤١٢ھ
١٥-٤-١٩٩٢ع

(66)

مون بہ پاريو آھہ اُلفت جو ڏيو
تون بہ پاري رک محبت جو ڏيو.

ڪونہ ڪو سگھندو اُجھائي جانِ من،
دل ۾ پاريو ٿم محبت جو ڏيو.

پيار جو رکبو سدا پاري چراغ،
ڪونہ پاريندا سين نفرت جو ڏيو.

پنھنجي چاھت کي ڪري ڇڏيون امر،
آئنده لءِ ٿئي هدايت جو ڏيو.

پيار ڏئي مون کي صنم بي انتها،
تون بہ پاري ڇڏ سخاوت جو ڏيو.

سر زمينِ سنڌ لءِ '**عاطف**' وڙھون،
سر ڏئي پاريون بغاوت جو ڏيو.

جانِ '**عاطف**' پيار ڪريون ايترو،
ٿئي جھان جي لءِ صداقت جو ڏيو.

ڪراچي
١٤-١٠-١٤١٢ھ
١٨-٤-١٩٩٢ع



(67)

مٺا مون ڏي وڌندڙ قدم کي نہ روڪ،
ڪندو رھہ محبت ڪرم کي نہ روڪ.

اسين پنھنجي اُلفت ڇڏيندا سين ڪونہ،
اي ظالم تون پنھنجي ستم کي نہ روڪ.

انھيءَ جي ڪري پيار آھي اٽل،
محبت جا دشمن ستم کي نہ روڪ.

انھن ئي ادائن ڪيو آ چريو
سڄڻ شرم کي ۽ ڪرم کي نہ روڪ.

اھوئي تہ عاشق جو آھي گذر،
ڪڏھن پيي تون رنج و الم کي نہ روڪ.

ڇڏي ساري دنيا ھو ايندو ضرور،
اي '**عاطف**' تون پنھنجي صنم کي نہ روڪ.

ڪراچي
١٤-١٠-١٤١٢ھ
١٨-٤-١٩٩٢ع

## (68)

ڪيو آ تو مون تي وڏو يار وڙ،
اُجايل تي آهين تون اُلفت جو ٻڙ.

ٿي بي فڪر ٻاهن ۾ منهنجي تون رهه،
زماني کي چئي ڇڏ ڀلي پيو تون سڙ.

جتي تون آهين اتي بهار ئي بهار،
جتي تون رهين سو محبت جو ٿڙ.

نہ توکي ڇڏيندس صنم پو ڀلي،
جدا ٿي وڃي جي سِسِيءَ کان هي ڌڙ.

تون دعوا ڪرين ٿو سچي پيار جي،
اجان تائين آهين لڳو پيو چو پڙ.

اي '**عاطف**' محبت ڪريون يادگار،
ڀلي ان تي پائن اُلفت جو پڙ.

ڪراچي
١٤-١٠-١٤١٢هه
١٨-٤-١٩٩٢ع



## (69)

سڄڻ سائين رکجان وفا جو لحاظ،
سنڌءِ دلربا جي صدا لحاظ.

سدائين خدا کان گهريم تنهنجو پيار،
گلي لائي ڪجهہ رک دعا جو لحاظ.

نہ گهبراءِ هڪدم گلي ساڻ مل،
ڇڏي ڏي تون سهٽا سزا جو لحاظ.

تڏهن جانِ من کي لڳايم گلي،
جڏهن ڪونہ رکيم خفا جو لحاظ.

مون سجدو ڪيو ڪونہ توکي صنم،
جو رکٽو پوي ٿو خدا جو لحاظ.

شفا ٿي عطا جي نيٽن منجهان،
اي '**عاطف**' سدا رک دوا جو لحاظ.

هالا
٦-١١-١٤١٢هه
١٠-٥-١٩٩٢ع

( 70 )

زندگي تنهنجي محبت سان شروع،
بندگي تنهنجي عنايت سان شروع.

هن جهان ۾ خدمتن جو ڪاروبار،
مون ڪيو تنهنجي هدايت سان شروع.

پيار مون تي اڻ ميو ۽ بيشمار،
تو ڪيو منهنجي شڪايت سان شروع.

خوبصورت گذريو هر ڏينهن جو
مون ڪيو تنهنجي زيارت سان شروع.

پُر سڪون گذري اها هرڪا گھڙي،
جا ڪيم تنهنجي رفاقت سان شروع.

بهترين سا رات گذري جا ڪيم،
جسم تنهنجي جي حرارت سان شروع.

آرزو آ، هر پهر '**عاطف**' جو ٿئي،
جانِ جانان جي عبادت سان شروع.

هالا
٢-٣-١٤١٣ھ
٢-٩-١٩٩٢ع